# اي ڪاش!

# فضول ڳالهائڻ جي عادت
# ختم ٿي وڃي

22-February-2018

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اي ڪاش! فضول ڳالهائڻ جي عادت ختم ٿي وڃي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاوي شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجهه دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).

## دُرُود شريف جي فضيلت

سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مُختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ خُوشبودار آهي: جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ملائڪن کي موڪليندو آهي جن وٽ چاندي جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي خميس جي ڏينهن ۽ جُمُعه جي رات مون تي ڪثرت سان دُرُودِ پاڪ پڙهڻ وارن جا نالا لکندا آهن. (کنز العمال،کتاب الاذکار،الباب السادس فی الصلاة ...الخ ،الجزء۱، ۱/۲۵۰، رقم:۲۱۷۴)

يانبی! بے کار باتوں کی ہو عادت مجھ سے دُور  بس دُرُودِ پاک کی ہو خُوب کثرت یارسول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً زبان (Tongue) الله پاڪ جي عظيم نعمتن مان هڪ نعمت آهي، جيڪو هن نعمت جو بهترين استعمال ڪري ٿو ته ان مان دُنيا ۾ به فائدو ڪڻي ٿو ۽ آخرت ۾ به ان جون برڪتون ڏسندو. پر جيڪو پنهنجي زبان کي کلي ڇوٽ ڏئي ان جي لگام ڍري ڪندو آهي ته هو دنيا ۽ آخرت ۾ ذِلّت ۽ رُسوائي جو مُنهن ڏسندو آهي. اڄ اسان زبان جي حفاظت جي باري ۾ مختلف مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، اچو! سڀ کان پهريان هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌي وٺو، جيئن ته

حضرت سَيِّدُنا عُمر بن سليم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرتِ

سَيدُنا عيسيٰ عَلَيہ السَّلام پنهنجن حوّارين (يعني پنهنجي ساٿين) وٽ هن حالت ۾ تشريف ڪٽي ويا جو سندن جسمِ اَنور تي اُن (پشم) جو جُبّو هو. اگهاڙين پيرين هئا ۽ مٿي تي به ڪو ڪپڙو وغيره نہ هو، ۽ اکين مان ڳوڙها نڪري رهيا هئا، بک جي ڪري سندن رَنگ بدلجي چڪو هو ۽ اُڃ جي شِدّت سبب چَپ بلڪل سُڪي چڪا هئا. پاڻ عَلَيہ السَّلام پنهنجي حَوارين کي سلام ڪيائون ۽ ڪجهہ نصيحتون ڪرڻ کان بعد زبان جي حفاظت جي باري ۾ مدني گل بيان ڪندي ارشاد فرمايائون: اي انسانو! توهان فُضول ڳالهائڻ کان بچندا رهو، ڪڏهن بہ ذِڪرُ الله جي علاوه پنهنجي زبان مان ڪو لفظ نہ ڪيو، نہ تہ توهان جون دليون سَخت ٿي وينديون، بيشڪ دليون نَرم هونديون آهن پر فُضول ڳالهائڻ انهن کي سَخت ڪندو آهي. ۽ جنهن شخص جي دل سَخت ٿي وڃي اهو الله پاڪ جي رَحمت کان محروم ٿي ويندو آهي. (عيون الحڪايات، ١/١٨٥ملتقطا)

اچودعا ڪريون ٿا

بولوں نہ فضول اور رہیں نیچی نگاہیں — آنکھوں کا زباں کا دے خدا قفلِ مدینہ
دوزخ کی کہاں تاب ہے کمزور بدن میں — ہر عضو کا عطّارؔ لگا قفلِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو الله پاڪ جي نبي حضرت سَيدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلَيہ السَّلام پنهنجن حَوارين (يعني پنهنجي ساٿين) کي جيڪي نصيحتون ڪيون ان ۾ فُضول ڳالهائڻ کان بچڻ ۽ پنهنجي زبان کي ذِڪرُ الله سان تَر رکڻ جو حڪم بہ ارشاد فرمايائون ۽ وڌيڪ اهو بہ فرمايائون تہ فُضول ڳالهائڻ دل جي سَختي جو بہ سبب آهي.

حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کان منقول آهي، تہ پاڻ فرمائن ٿا: جڏهن توهان پنهنجي دل ۾ قساوت (سختي)، بدن ۾ سستي ۽ رزق ۾

تنگي محسوس ڪريو پوءِ سمجهي وڃو تہ توهان ڪان ڪٿي فضول ۽ لايعني جملا نڪري ويا آهن جنهن جو اهو نتيجو آهي. (منهاج العابدين،ص57)

ياد رکو! هن زبان جي ذريعي اسان جتي ذڪرﷲ دُرُود، نعت ۽ بيان ۽ نيڪي جي دعوت ڏئي نيڪيون ڪري جنّت جي هميشہ واري نعمتن جا حقدار بڻجي سگهون ٿا اتي ان جي غلط استعمال مثال طور ڪفريہ جملا، حرام جملا، ڪنهن جي غيبت ڪرڻ، چغلي هڻڻ، گار ڏيڻ وغيره جهڙن گناهن ۾ پئجي عذابِ نار ۾ گرفتار بہ ٿي سگهون ٿا. افسوس! اڄڪلھ زبان جي حفاظت جو تصوُّر تقريباً ختم ٿيندو پيو وڃي، اسان کي هن ڳالھ جو احساس ئي نہ آهي تہ گوشت جو اهو ننڍڙو ٽڪرو جيڪو ٻن چپن ۽ ٻن جاڙين جي پهري ۾ آهي، ڪهڙي طرح اسان جي سڄي وُجُود کي دُنيوي ۽ اُخروي مصيبتن ۾ مبُتلا ڪري سگهي ٿو. پر نتيجن (Results) کان بي پرواھ ٿي ڪري، بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڳالهيندو رهڻ اسان جي عادت بڻجي چڪي آهي، ياد رکو ڪڏهن ڪڏهن اسان پنهنجون آوازون ريڪارڊ ڪري جڏهن ڪنهن کي موڪليندا آهيون، مثال طور واٽس ايپ (whatsapp) جي ذريعي ڪا ڳالھ ڪنهن تائين پهچائي ڇڏي، پر بعد ۾ غور ڪندا آهيون تہ جيڪا ڳالھ مون چئي هئي،مون کي نہ ڪرڻ گهرجي ها،يا جيڪو نہ چوڻ گهرجي ها اهو بہ مون چئي ڇڏيو، هاڻي ڳالھ نڪري وڃڻ کان پوءِ شرم جي سبب ان کي جلدي ۾ حذف (delete) ڪري ڇڏيندا آهيون تہ ان جي ٻڌڻ کان پهريان ئي حذف ٿي وڃي، ياد رکو پلي ڪٽي اها ڳالھ موبائل سان يا ڪنهن ٻئي طريقي سان حذف تہ ٿي ويندي پر اسان جي عمل نامي ۾ تہ لکيل رهجي ويندي. تہ پوءِ اسان کي مدني سوچ بڻائڻ گهرجي تہ اسان پهريان غور ڪريون تہ مون کي ڳالهائڻو چا آهي!اچو ملي ڪري نعرو لڳايون ٿا:

پہلے تولو!!!بعد میں بولو۔۔پہلے تولو!!!بعد میں بولو۔۔پہلے تولو!!!بعد میں بولو

www.dawateislami.net

ياد رکو! اسان جي زبان مان نڪتل هڪ هڪ حرف الله ڪريم جا معصوم ملائڪ لکن ٿا جيئن ته سيپارو 26 سُوْرَةُ قٓ جي آيت نمبر 18 ۾ ارشادِ ربِّ ڪريم آهي:

مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ ﴿۱۸﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** اهو ڪا ڳالھ زبان مان نٿو ڪڍي مگر ان وٽ هڪ نگهبان تيار ويٺو آهي-

## توهان تي ڪجھ نگهبان آهن

حضرت سيدُنا عطاء بن اَبي رَباح رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: توهان کان پهريان وارا ماڻهو فُضُول ڪلام ناپسند ڪندا هئا ۽ انهن وٽ قرآن ۽ سُنَّت، نيڪي جي دعوت ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ ۽ دُنياوي زندگي جي ضرورت جي علاوه هر ڪلام فضول هو، ڇا توهان کي هن ڳالھ جو علم نه آهي ته بيشڪ توهان تي ڪجھ مُعَزّز لکڻ وارا نگهبان آهن جن مان هڪ ساڄي ويٺل آهي ۽ ٻيو کابي، ڪا ڳالھ اهو زبان مان ناهي ڪڍندو جو ان وٽ هڪ مُحافظ تيار نه ويٺل هجي. ڇا توهان مان ڪو هن ڳالھ کان حياء نٿو ڪري ته جڏهن ان جو اعمال نامو کوليو وڃي ته جنهن کي ان پنهنجي ڏينهن جي اِبتدا ئي ۾ پري ڇڏيو هو ته ان ۾ اڪثر اهي ڳالهيون هجن جنهن جو دين ۽ دنيا کان ڪو تعلق نه هجي. (احياءالعلوم،۳/۳۴۸) اڄو فضول ۽ بيڪار ڳالهين کان بچڻ جي دعا ڪريون ٿا:

میں بے کار باتوں سے بچ کے ہمیشہ — کروں تیری حمد و ثنا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته اسان جي زبان مان نڪتل هر هر لفظ ملائڪ لکندا آهن. ٿورو غور ته ڪريو اسان سڄي ڏينهن ۾ خبر ناهي ڪيتري فضول گفتگو ڪريون ٿا، خبر ناهي ڪيترن ماڻهن جي غيبت ۽ چغلي ڪندا آهيون، خبر ناهي ڪهڙيون ڪهڙيون بريون ڳالهيون پنهنجي زبان مان ڪيون

ٿا، زبان جي بڪواس سان ڪيترن کي لاجواب ڪندا آهيون، فضول بحث مُباحَثن ۾ ڪوبہ اسان کان ڪٿي نٿو سگھي پر ڪڏهن اسان اهو بہ سوچيو تہ

فضول ڳالهائڻ جي ڪري ڪٿي اسان جو دل سخت تہ ناهي ٿي ويو؟ زبان جي آفتن جي ڪري ڪٿي نيڪين کان محروم تہ نہ ٿي رهيا آهيون؟ فضول ڳالهائڻ جي ڪري ڪٿي تلاوت قرآن جي توفيق کسجي تہ نہ وئي آهي؟ ڇا ڪڏهن غور ڪيو تہ فضول ڳالهائڻ ۾ ڪوڙ ڪلاڪ گزري ويندا آهن، پر ڪجھ منٽ تلاوت ۽ الله جو ذڪر ڪرڻ جي لاءِ دل گھبرائيندو آهي، نفس نيڪي جي ان ڪم ۾ راضي ئي ناهي ٿيندو، تمام جلدي دل ڪٿي ٿي ويندي آهي، جيڪڏهن ڪو عاشق رسول نيڪي جي دعوت ۽ نصيحت تي مشتمل مدني ڳل اسان جي طرف وڌائي تہ دل قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي ٿيندو، ڪڏهن اسان اهو بہ سوچيو تہ هنن فضول ڳالهين ۽ بحثن سان دنيا ۾ اسان ماڻهن کي تہ خاموش ڪرائي سگھون ٿا، انهن تي پنهنجي ڌاڪ تہ ويهاري سگھون ٿا پر سڀاڻي قيامت جي ڏينهن جڏهن ميدان محشر قائم ٿيندو، حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام پنهنجي پنهنجي اُمّتن سان گڏ جلوه فرما هوندا، اولياءِ ڪرام ۽ اسان جا اهي مُتعلقين ۽ پيار ڪندڙ بہ موجود هندا جنهن جي سامهون دنيا ۾ اسان جي عزت هئي اهڙي ۾ سچ باھ وَسائي رهيو هوندو، ٽامي (Copper) جي ٽهڪندڙ زمين هوندي ۽ هر هڪ کي پنهنجو اعمال نامو سيني جي اڳيان پڙهي ٻڌائڻو پوندو. جيئن سيپارو 15 سُوره بني اِسرائيل آيت نمبر 13،14 ۾ ارشادِ خُداوندي آهي:

وَنُخْرِجُ لَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ كِتٰبًا يَّلْقٰىهُ مَنْشُوْرًا ﴿۱۳﴾ اِقْرَاْ كِتٰبَكَ ؕ كَفٰى بِنَفْسِكَ الْيَوْمَ عَلَيْكَ حَسِيْبًا ﴿ؕ۱۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اُن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن هڪ لِکيو ڪيندا سي جنهن کي کُليل ڏِسندو. فرمايو وِيندو تہ پڙھ پنهنجو عمل نامو اڄ پنهنجي حساب ڪرڻ جي واسطي تُون پاڻ ڪافي آهين.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو سوچيو! بروزِ محشر تمام اَوّلين ۽ آخرين جي موجودگي ۾ پنهنجو اهو اعمال نامو ڪهڙي طرح پڙهي ٻڌائينداسين؟ جيڪو فُضول گفتگو سان ڀريل هوندو، جيڪو اعمال نامو گارگند ۽ بدڪلامي سان ڀريل هوندو، جنهن ۾ مسلمانن جي باري ۾ دل ٽوڙڻ وارا جُملا موجود هوندا، جنهن اعمال نامي ۾ مسلمانن جي غيبت، چُغلي ۽ ڪوڙ جهڙا گُناهه موجود هوندا؟ اهو اعمال نامو سڀني جي اڳيان ڪيئن ٻڌائي سگهنداسين، ڪيئن ماڻهن کان اکيون ملائي سگهنداسين؟ تنهنڪري اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته گهٽ مان گهٽ گفتگو ڪريون ۽ فضول ڳالهين کان بچندي صرف ڪم جي ڳالهه ڪريون يا چڱي ڳالهه ڪريون ڇوته فُضُول ڳالهيون ڪرڻ ۾ اسان جو نُقصان ئي نُقصان آهي.

حُجَّةُ الاِسلام حضرتِ سَيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه چار سببن جي ڪري فُضُول ڳالهين جا نُقصان بيان ڪن ٿا: (1) فُضُول ڳالهيون ڪراماً ڪاتِبين (يعني عمل لکڻ واري ملائڪن) کي لکڻيون پون ٿيون، تنهنڪري انسان کي گهرجي ته ان کان شَرم ڪري ۽ انهن کي فُضُول ڳالهيون لکڻ جي تڪليف نه ڏي. (2) فُضُول ڳالهين جي مَذَمَّت ۽ برائي ۾ ٻيو سبب بيان ڪن ٿا ته هي ڳالهه سٺي نه آهي جو فضول ڳالهين سان ڀريل اعمال نامو الله ڪريم جي بارگاهه ۾ پيش ٿئي. (3) فُضُول ڳالهين جي مَذَمَّت جو ٽيو سبب هي آهي ته الله جي درٻار ۾ تمام مخلوق جي اڳيان ٻانهي کي حڪم ٿيندو ته پنهنجو اعمال نامو پڙهي ٻڌاءِ! هاڻي قِيامت جون خوفناڪ سختيون ان جي اڳيان هونديون، انسان بي لباس هوندو، سخت اُڃايل هوندو، بُک جي ڪري چيلهه چٻي ٿي رهي هوندي، جنّت ۾ وڃڻ کان روڪيو ويو هوندو ۽ هر قسم جي راحت ان تي بند ڪئي وئي هوندي، (غور ڪريو اهڙي تڪليف واري حالتن ۾ فُضُول ڳالهين سان ڀريل اعمال نامو پڙهي ٻڌائڻ ڪيتري قَدَر پريشان ڪندڙ هوندو!) (4) فُضُول ڳالهين جي مَذَمَّت جو چوٿون سبب هي آهي ته بروزِ قيامت ٻانهي کي فُضول ڳالهين تي مَلامت ڪئي ويندي ۽ ان کي شرمسار ڪيو

www.dawateislami.net

ويندو. ٻانهي وٽ ان جو ڪو جواب نہ هوندو ۽ هو رب تعاليٰ جي سامهون شرم ۽ نَدامت سان پاڻي پاڻي ٿي ويندو. (مِنهاجُ العابِدين، ص٦٧)

اي ڪاش!

میری زباں تَر رہے ذِکر و دُرود سے
بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فضول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بروزِ محشر ان رُسوائي کان پاڻ کي بچائڻ جي لاءِ زبان جي حفاظت جو ذِهن بڻايو، فُضُول گفتگو کان بچڻ جي عادت بڻايو ڇوتہ گهٽ ڳالهائڻ اهڙو عمل آهي جو ان تي ابُوالبشر حضرت سَيدُنا آدم عَلَيهِ السَّلَام کان ان جو عهد (Promise) ورتو ويو آهي، جيئن تہ

## بابا سائين! اوهان ڳالهايو ڇو نٿا؟

حضرت سيدُنا عبدُالله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ حضرت سَيدُنا آدم عَلَيهِ السَّلَام جڏهن زمين تي موڪليا ويا تہ سندن کي تمام گهڻو اولاد ٿيو. هڪ ڏينهن سندن پٽ، پوٽا ۽ پڙ پوٽا سيئي پاڻ وٽ گڏ ٿي ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ جڏهن تہ پاڻ عَلَيهِ السَّلَام خاموش وينا رهيا ۽ ڪا گفتگو نہ ڪئي. اولاد عرض ڪيو: بابا سائين! ڇا ڳالهہ آهي اسان گفتگو ڪري رهيا آهيون ۽ اوهان ماٺ آهيو؟ حضرت سيدُنا آدم عَلَيهِ السَّلَام جن ارشاد فرمايو: اي منهنجا فرزندو! جڏهن الله ڪريم مون کي پنهنجو قُرب (يعني جنت) کان زمين تي لاٿو تہ مون سان اهو عهد ورتو هو تہ اي آدم! گفتگو گهٽ ڪجان ايستائين جو منهنجي قُرب ۾ موٽي اچو. (تاريخ بغداد،٧/ ٣٣٩،رقم:٣٨٤٣:ابوعلي مؤدب حسن بن شبيب)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان گهٽ مان گهٽ گفتگو ڪرڻ جي ڪيتري قدر اَهميت آهي جو خود ربِ ڪريم پنهنجي برگزيده نبي عَلَيهِ السَّلَام کي گهٽ گفتگو ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمائي رهيو آهي تہ اسان کي پنهنجي زبان جي

حفاظت ڪرڻ ۽ ان کي فضول ڳالهين کان بچائڻ جي لاءِ ڪيتري قدر اِحتياط جي حاجت آهي. افسوس صد افسوس! اسان نہ زبان جو قفلِ مدينہ لڳائڻ جو ذهن رکون ٿا ۽ نہ گهٽ ڳالهائڻ ۽ بي انتها فضول گفتگو ڪرڻ کان گهٻرايون ٿا. اها زبان ئي تہ آهي جنهن جي غلط استعمال جي ڪري ڪيئي ماڻهو جهنّم (Hell) ۾ داخل ڪيا ويندا، جيئن تہ

## بُري ڳالهہ دوزخ ۾ منهن ڀر ڪرائيندي!

حضرت سيدُنا عُباده بن صامِت رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي اللہ جا پيارا حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هڪ ڏينهن گهران ٻاهر تشريف فرما ٿيا ۽ سُواري تي سُوار ٿيا تہ حضرت سيدُنا مُعاذ بن جَبَل رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جن عرض ڪيو: يارَسُولَ اللہ ڪهڙو عمل سڀ کان افضل آهي؟ پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي مُبارڪ منهن ڏانهن اشارو ڪري ارشاد فرمايائون: نيڪي جي ڳالهہ جي علاوه خاموش رهڻ. عرض ڪيو: اسان زبان مان جيڪو ڪجهہ ڳالهايون ٿا ان تي اللہ پاڪ اسان جي پڪڙ فرمائيندو؟ تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ان جي ران تي هٿ هڻندي ارشاد فرمايو: اي مُعاذ! زبانن مان نڪتل ئي ماڻهن کي منهن ڀر جهنم ۾ ڪرائيندو. تہ جيڪو اللہ ڪريم ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي تہ چڱي ڳالهہ ڪري يا بُري ڳالهہ کان خاموش رهي. (پوءِ ارشاد فرمايائون:) چڱي ڳالهہ ڪريو فائدي ۾ رهندؤ ۽ بُرين ڳالهين کان خاموش رهو سلامت رهندو. (مستدرک حاکم، کتاب الادب، قولواخیرا تغنموا۔۔۔الخ ، ۵/ ۴۰۷، حدیث:۷۸۴۴، بتغیرقلیل)

فضول اور بیکار باتوں کے بدلے
کروں کاش! ہر دم مدینے کی باتیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بي فائده گفتگو ڇا کي چئبو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڄاڻو تہ اسان جي پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

www.dawateislami.net

سلامت رهڻ جو ڪيترو پيارو نسخو اِرشاد فرمايو ته سلامتي انهيءَ ۾ آهي ته انسان پنهنجي زبان مان چڱي ڳالهه ڪڍي ۽ بُرين ڳالهين کان بچندو رهي. ياد رکو! زبان جو قُفلِ مدينه لڳائڻ ۽ فُضُول گفتگو جي آفتن کان بچڻ ۾ اسان انهيءَ وقت ڪامياب ٿي سگهنداسين جڏهن اسان کي معلوم هجي ته فضول گفتگو ڇا کي چئبو آهي، جيئن هن باري ۾

حضرت سَيِدُنا امام غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: بي فائده گفتگو جي تعريف (Definition) هيءَ آهي ته توهان جو اهڙو ڪلام ڪرڻ، جو جيڪڏهن ان کان رکي وڃي ته گناهه گار نه ٿئي ۽ نه ئي في الحال يا آئنده ڪو نقصان ٿئي. مثال طور توهان ڪنهن مجلس ۾ ماڻهن جي اڳيان پنهنجي سفر جو تذڪرو ڪريو ۽ ان ۾ جيڪي جبل ۽ نهرون ڏٺيون ۽ جيڪي واقعات توهان سان پيش آيا انهن کي بيان ڪريو اهڙي طرح جيڪو کاڌو ۽ ڪپڙا توهان کي سٺا لڳا انهن کي ۽ مختلف شهرن جي مشائخن جون تعجب واريون ڳالهيون ۽ انهن جا تعجب انگيز واقعا ذڪر ڪريو. ته هي اهي ڪم آهن جو جيڪڏهن توهان انهن کي بيان نه به ڪريو ها تڏهن به گنهگار نه ٿيو ها ۽ نه ئي ڪو نقصان ٿئي ها. پوءِ جيڪڏهن توهان هن ڳالهه جي ڀرپور ڪوشش ڪريو ته واقعو بيان ڪرڻ ۾ ڪا ڪمي بيشي نه ٿئي ۽ نه ان ۾ ڪنهن جي غيبت ۽ نه مخلوقِ خُدا جي مَذمَّت ٿئي، ان سمورين احتياطن جي باوجود به توهان پنهنجو وقت برباد ڪرڻ وارا ٿيندو. ۽ فضول گفتگو جي آفتن کان ڪيئن بچي سگهندو. (احياء العلوم،۳/۳۴۵ ،ملتقطاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته بي فائده ڪلام مان مُراد هي آهي ته جنهن جي نه ڪرڻ سان ڪوئي نقصان نه ٿئي، بس اسان کي ڳالهه ڪرڻ کان اڳ ۾ ان جي نتيجي تي غور ڪرڻ گهرجي ته ان سان منهنجي آخرت جو ڪو فائدو آهي يا نه، جيڪڏهن فائدو هجي ته ڪئي وڃي نه ته خاموشي اختيار ڪئي وڃي. اسان جي ذهنن ۾ جيڪڏهن فضول ۽ بيهوده گفتگو جي سبب

محشر جي ڏينهن رُسوائي جو تصور هوندو تہ اسان گهٽ گفتگو ڪرڻ وارا ۽ فُضُول گفتگو کان بچڻ وارا بڻجي ويندا سين ڇوتہ جنهن ڪي کو دُنياوي فڪر لاحق ٿيندي آهي تہ هو ان جي باري ۾ سوچيندو رهندو آهي، مثال طور ڪنهن جي ماءُ پيءُ يا رشتيدار جو اوچتو انتقال (Death) ٿي وڃي، يا هلندڙ ڪاروبار اوچتو ڪنهن حادثي جو شڪار ٿي وڃي يا بند ٿي وڃي، ڳالهہ ڳالهہ تي گهريلو جهيڙا شروع ٿي وڃن تہ ٻانهي تي خاموشي طاري ٿي ويندي آهي، اهڙي طرح جيڪڏهن اسان کي جهنم جي عذابن جو تذڪرو ٻڌي فڪرِ آخرت نصيب ٿي وڃي، خوفِ خدا سان اسان جي دل ڏڪي وڃي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي چپن تي بہ خاموشي طاري ٿي ويندي. پر اسان تہ ڪنهن گهڙي خاموش نٿا رهون، هر وقت بغير سوچي سمجهي ڳالهيندا رهندا آهيون. جيڪڏهن اسان پنهنجي پياري آقا مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ سيرت جو مطالعو ڪريون تہ خبر پوندي تہ اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام گهٽ گفتگو ڪندا هئا، اڪثر خاموش رهندا هئا جيئن تہ حضرت سيدُنا جابر بن سَمُرَہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام گهڻو خاموش رهندا هئا. (مسندامام احمد،مسندالبصريين،حديث جابربن سمرة،۷/ ۴۰۴، حديث:۲۰۸۳۶ملتقطا)

حڪيمُ الامت حضرت مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: خاموشي مان مُراد دُنياوي ڪلام کان خاموشي (آهي) نہ تہ حضورِ اقدس (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي زبان شريف الله (پاڪ) جي ذڪر ۾ تر رهندي هئي، ماڻهن کان بلاضرورت گفتگو نہ ڪندا هئا، هي ذڪر آهي جائز ڪلام جو، ناجائزڪلام تہ سڄي عُمر زبان شريف تي آيو ئي نہ. حُضُور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) سراپا حق آهن، پوءِ اوهان تائين باطل جي رسائي ڪيئن ٿئي. (مرآة المناجيح،۸/۸۱)

سيدي اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه نبي رحمت،شفيعِ امّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زبان پاڪ جو ذڪر ”حدائقِ بخشش“ ۾ هيئن ڪن ٿا.

ميں نثار تيرے کلام پر ملی یُوں تو کس کو زباں نہیں
وہ سُخن ہے جس میں سُخن نہ ہو وہ بیاں ہے جس کا بیاں نہیں

مختصر وضاحت: اي منهنجا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان اوهان جي ڪلام تي قربان وڃان، دنيا ۾ هونءَ تہ زبان دان (زبان جا ماهر) ۽ ڪلام ڪرڻ جي مهارت ڪوڙ ماڻهن کي حاصل تي، پر اوهان جو ڪلام اهڙو ڪلام آهي جو ان ۾ ڪوبہ ڪلام ڪري ئي نہ ٿو سگهي ۽ اوهان جو بيان اهڙو بيان آهي جو ڪير ان کي ڪامل بيان ڪري ئي نہ ٿو سگهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نہ صرف پاڻ زبان جي حفاظت ڪندا هئا بلڪ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي اُمَّت کي بہ خاموشي اختيار ڪرڻ جي تمام گهڻي ترغيب ڏياري بلڪ تاڪيد فرمائي آهي، اچو! خاموشي جي فضيلتن تي مشتمل 6فرامينِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌو. جيئن تہ

(1) ارشاد فرمايائون: "ڇا مان توهان کي سيني ڪان پلي ۽ سيني ڪان سولي عمل جي باري ۾ نہ ٻڌايان؟ صحابي رسول عرض ڪيو: منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! ڇو نہ، ضرور ارشاد فرمايو. ارشاد فرمايائون: اهو حُسنِ اخلاق ۽ ڊگهي خاموشي آهي، انهن ٻنهن کي لازِمي اختيار ڪريو ڇوتہ توهان الله ڪريم جي بارگاهہ ۾ انهن جهڙو ٻيو ڪو عمل نٿا ڪٽي وڃي سگهو." (موسوعة ابن ابي الدنيا،كتاب الصمت وأداب اللسان،٧/ ٣٤٦، حديث:٦٥٠)

(2) ارشاد فرمايائون: خاموشي سڀ کان اعليٰ عبادت آهي. (تاريخ اصبهان لابي نعيم،٢/ ٣٤، رقم :٩٩٩،عبدالله بن محمدبن موسي البازيار)

(3) ارشاد فرمايائون: جيڪو سلامت رهڻ چاهي ٿو، ان تي خاموشي لازم آهي. ( مسندابي يعلي،مسندانس بن مالك،٣/ ٢٧١،حديث:٣٥٩٥)

(4) ارشاد فرمايائون: جيڪو خاموش رهيو ان نَجات ماڻي. (ترمذي، كتاب صفة القيامة، رقم: ٢٥٠٩، ٢٢٥/٤ )

(5) ارشاد فرمايائون: ٻانهو ان وقت تائين ايمان جي حقيقت نٿو ماڻي سگهي جيستائين پنهنجي زَبان کي روڪي نہ رکي. (المعجم الاوسط ،حديث:۵،۶۵۶۳/۵۵)

(6) ارشاد فرمايائون: خُوشخبري آهي ان شخص جي لاءِ جيڪو پنهنجو زائد (وڌيڪ) ڪلام بچائي رکي ۽ زائد مال خرچ ڪري ڇڏي.
(المعجم الكبير ، مسند رکب المصري، رقم: ۵،۴۶۱۶/۷۲ )

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ خاموشي جون ڪيتري قدر فضيلتون آهن، خاموشي اختيار ڪرڻ عُمده عمل آهي. خاموشي اختيار ڪرڻ بهترين عبادت آهي .خاموشي اختيار ڪرڻ سلامتي جو دليل (Proof) آهي. خاموشي اختيار ڪرڻ نجات جو سبب آهي. خاموشي اختيار ڪرڻ ايمان جي حقيقت کي ماڻڻ جو ذريعو آهي. تنهنڪري هنن حديث سڳورين ۾ بيان ڪيل فضيلتن کي ماڻڻ جي لاءِ پاڻ بہ زبان جي حفاظت ڪريو ۽ پنهنجي گهر وارن کي بہ زبان جو قفلِ مدينہ لڳائڻ جو ذهن ڏيو ڇوتہ ڪڏهن ڪڏهن غيرضَروري ڳالهيون ڪندي ”گناهن ڀري“ ڳالهين ۾ پئجي وڃڻ جو قَوي اِمڪان رهندو آهي، تنهنڪري خاموشي ۾ئي ڀلائي آهي.

| | |
|---|---|
| يا ربّ نہ ضَرورت کے سِوا کچھ کبھی بولوں! | اللہ زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ |
| بک بک کی یہ عادت نہ سرِ حشر پھنسا دے | اللہ زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ |
| ہرلَفظ کا کس طرح حساب آہ! میں دُوں گا | اللہ زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني قافلہ“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! زبان جي حفاظت جو جَذبو ماڻڻ ۽ فُضُول گوئي کان پاڻ کي بچائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي

مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني قافلو“ بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلو علمِ دِين حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. مدني قافلي جي برڪت سان فرضن، واجبن جي پابندي نصيب ٿيندي آهي، مدني قافلي جي برڪت سان سنتن تي عمل جو موقعو ملندو آهي، مدني قافلي جي برڪت سان اشراق، چاشت، اوابين ۽ تهجد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي. عموماً دعوتِ اسلامي جا مدني قافلا مسجدن ۾ ترسندا آهن ۽ مسجد ۾ عبادت جي نيت سان ترسڻ وارن جي تہ چا ئي ڳالھ آهي جو نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان خوش نصيب جي باري ۾ ٿي(3) ڳالھيون ارشاد فرمايون آهن: (1) ان مان فائدو حاصل ڪيو ويندو آهي (2) يا اهو حڪمت ڀريو ڪلام ڪندو آهي (3) يا رحمت جو منتظر هوندو آهي. (الترغيب والترهيب،كتاب الصلوة،باب الترغيب في لزوم المساجد...الخ،١٦٩/١،رقم:٥٠٣ ماخوذاً) اچو! اسان بہ نيت ڪريون ٿا تہ سنتن جي خدمت ڪرڻ ۽ مسلمانن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ ضرور سفر ڪنداسين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر 12 مهينن هڪ مهينو ۽ زندگي ۾ هڪ ڀيرو يڪمشت 12 مهينن جي مدني قافلي ۾ بہ سفر جي سعادت حاصل ڪنداسين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اچو!مدني قافلن ۾ سفر جو وڌيڪ جذبو وڌائڻ جي لاءِ هتو هٿ مدني قافلي جي هڪ مدني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو، جيئن تہ

## ٽنگن جي سور مان نجات ملي

زم زم نگر حيدرآباد (باب الاسلام سنڌھ) جي اسلامي ڀاءُ جي ٽنگن ۾ ايتري قدر شديد سور رهندو هو جو اٿڻ ويهڻ مشڪل ٿي ويو. ان سور کان ڇوٽڪاري جي لاءِ انهن تمام گهڻي رقم خرچ ڪئي. باب الاسلام سنڌھ جي علاوه پنجاب جي ڪيئي ڊاڪٽرن کان بہ علاج ڪرايو پر ڪو فائدو نہ ٿيو. هڪ ڀيري دعوتِ اسلامي سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ سان ان جي ملاقات ٿي گفتگو دوران ان اسلامي ڀاءُ سان پنهنجي تڪليف جو اظهار ڪيو تہ انهن شفقت ڀري انداز ۾ انفرادي ڪوشش ڪئي ۽ انهن کي مدني قافلي ۾ سفر جون برڪتون ٻڌائيندي

چيائين تہ اوهان ايترو علاج ڪرايو آهي جيڪڏهن چاهيو تہ هڪ ڪوشش اها بہ ڪري ڏسو تہ مدني قافلي جي برڪت سان جتي هزارين ماڻهن جا مسئلا حل ٿيا آهن، اتي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ راهِ خدا ۾ سفر جي برڪت سان اوهان کي بہ فائدو ٿيندو. ان اسلامي ڀاءُ جون اهي ڳالهيون ان جي دل تي اثر ڪري ويون ۽ هو ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جي لاءِ تيار ٿي ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جڏهن ان مدني قافلي ۾ سفر ڪيو تہ اتي روئي روئي پنهنجي بيماري کان شفا جي لاءِ دعا ڪئي، ان جي دعا قبول ٿي ۽ قافلي جي برڪت سان ان کي سور مان نجات ملي وئي.

مانگو آ کر دُعا، پاؤ گے مدّعا — در کرم کے کھلیں، قافلے میں چلو
اچھی صحبت ملے، خوب برکت ملے — چل پڑو چل پڑیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فضول ڳالهائڻ جا نقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان فضول گوئي جي مذمت جي باري ۾ پڙهي رهيا آهيون. ياد رکو! بي سوچي سمجهي،جيڪو اچي چئي ڇڏڻ، بيحد خطرناڪ نتيجن جو سبب ٿي سگهي ٿو ۽ الله پاڪ جي هميشہ هميشہ جي ناراضي جو سبب بہ بڻجي سگهي ٿو. يقيناً زَبان جو قُفلِ مدينہ لڳائڻ يعني پنهنجو پاڻ کي غير ضَروري ڳالهين کان بچائڻ ئي ۾ عافيت آهي چوتہ جيڪو گهٽ ڳالهائيندو آهي عام طور غلطيون (Mistakes) بہ گهٽيون ڪندو آهي، راز (Secret) بہ ظاهر ڪندو آهي. غيبت ۽ چغلي ۽ عيب جُوئي جهڙن گناهن کان بچڻ بہ اهڙي شخص جي لاءِ گهٽ دشوار هوندو آهي، بلڪ فضول ڳالهائڻ جو عادي ڪڏهن تہ مَعَاذَ الله عَزَّ وَجَلَّ ڪفريات بہ بڪيندو آهي. اچو! فضول گوئي جي ڪجھ نقصانن جي باري ۾ پڙهون ٿا، جيئن تہ،

## (1) پنهنجي عزت وڃائي ويهندو آهي

اها هڪ حقيقت آهي ته خاموش رهڻ ۾ ندامت ۽ شرمندگي جو امڪان تمام گهٽ آهي، جڏهن ته وڌيڪ ڳالهائڻ واري کي غلطي ٿيڻ تي ڪيترائي ڀيرا معافي وٺڻي پوندي آهي، ۽ دل ۾ پڇتاءُ ٿئي ٿو ته جيڪڏهن ان موقعي تي مان اتي نه ڳالهايان ها ته بهتر هو، ڇاڪاڻ ته منهنجي ڳالهائڻ تي سامهون واري سڄي ٻڌائي چار ماڻهن ۾ ذليل ڪري ڇڏيو جنهن سان منهنجو وقار به خراب ٿيو، ائين فضول گوئي ڪرڻ وارو شخص پنهنجي عزّت وڃائي ويهندو آهي، حضرت سيدنا محمد بن نضر حارثي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه کان مَروِي آهي: وڌيڪ ڳالهائڻ سان وقار يعني رُعب (Dignity) ويندو رهندو آهي . (الموسوعة لابن ابي الدنيا،رقم:٦٠/٥٢،٧) سچ آهي ڳالهائي ڪري پڇتائڻ کان نه ڳالهائي ڪري پڇتائڻ بهتر آهي چوته جيڪو وڌيڪ ڳالهائيندو رهندو آهي اهو مصيبتن ۾ به گهڻو ڦاسندو آهي.

یاالٰہی! فالتو باتوں کی عادت دُور ہو

کاش!اب پر کوئی بھی جاری نہ ہوبے جا کلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (2) فحش ڪلامي ڪندو آهي

فضول ڳالهيون ڪرڻ جو هڪ نقصان هي به ٿيندو آهي ته اهڙو شخص آخرڪار فحش گفتگو ۽ بي حيائي جون ڳالهيون به ڪرڻ لڳندو آهي جيڪو انتهائي بُرو ڪم آهي ۽ ڪنهن مسلمان کي اهڙي گفتگو ڪرڻ بلڪل جُڳائي نٿي چو ته حديثِ پاڪ ۾ آهي: مومن عيب ڪيندڙ، لعنت ڪندڙ، فحش ڳالهئيندڙ ۽ بي حيا ناهي هوندو. (ترمذي،٣/ ٣٩٣،حديث: ١٩٨٤) ان مان اهي ماڻهو عبرت حاصل ڪن جيڪي پنهنجي دوستن سان گڏ ويهي خوب بي شرمي ۽ بي حيائي جون ڳالهيون ڪري پنهنجي آخرت برباد ڪن ٿا.

## (3) غيبت ۽ لڙائي جهيڙي ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فضول ڳالهيون ۽ فضول سوال عام طور تي غيبت ۽ لڙائي جهيڙي جو سبب بہ بڻجي ويندا آهن، جيڪڏهن ڪنهن صحيح مقصد جي لاءِ ڪا ڳالهہ پڇي وڃي تہ حرج نہ آهي پر عام طور سوالن جو صحيح مقصد ناهي هوندو، بلڪ پڇڻ صرف پڇڻ هوندو آهي مثال طور ڪنهن جي ڪا شيء ڏٺي تہ ان کان پڇڻ تہ اها ڪيتري ۾ ورتي آهي؟ ڪٿان کان ورتي آهي؟ ان جي گارنٽي ڪيترن سالن جي آهي؟ ياد رکو! بنا سبب اهي ڳالهيون پڇڻ فُضول گفتگو ۾ شمار ٿينديون آهن ۽ آخرت ۾ ان جو حساب ڏيڻو پوندو. ڪڏهن ڪڏهن ان سوالن سان غيبت، چغلي ۽ جهيڙي جهٽي جو دروازو کلي ويندو آهي، مثال طور ڪنهن ڪرائي تي گهر ورتو تہ سوال ٿيندو آهي، ڪيترن ڪمرن جو آهي؟ ڪرايو ڪيترو آهي؟ ۽ مڪان مالڪ ڪيئن آهي؟ مالڪ مڪان جي باري ۾ اهو سوال نهايت خطرناڪ آهي ان جو جواب عام طور بلا اجازتِ شرعي ڪجهہ ان طرح گناهن ڀريو ملندو آهي تہ اسان جو مڪان مالڪ نهايت سخت مزاج آهي. بي رحم آهي ۽ خُردماغ آهي، ڪرائي ۾ هڪ ڏينهن جي بہ دير برداشت نٿو ڪري. ياد رکو! اهو سڀ غيبت جي زُمري ۾ اچي ٿو ۽ ڪنهن مسلمان جي غيبت ڪرڻ پاڻ کي هلاڪت ۾ مبتلا ڪرڻ آهي جيئن غيبت جون تباهہ ڪاريون صفحي 26 تي آهي: غيبت ايمان کي ڪپي ڇڏيندي آهي *غيبت بُري خاتمي جو سبب آهي* گهڻي غيبت ڪرڻ واري جي دعا قبول ناهي ٿيندي *غيبت سان نَماز روزي جي نورانيت ختم ٿي ويندي آهي *غيبت سان نيڪيون برباد ٿينديون آهن * غيبت نيڪيون ساڙي ڇڏيندي آهي *غيبت ڪرڻ وارو توبہ ڪري بہ وٺي تڏهن بہ سيني کان آخِر ۾ جنَّت ۾ داخِل ٿيندو، مطلب تہ غيبت گناهہ ڪبيره، قطعي حرام ۽ جهنَّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

مجھے غیبت و چغلی و بدگمانی کی آفات سے تُو بچا یا الٰہی

## (4) ڪفريات ڳالهائي ڇڏيندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄوڪي دور ۾ علم کان ڏُوري جي ڪري ڪي ماڻهو ايتري قدر بي لگام ٿيندا پيا وڃن جو جيڪو وات ۾ ايندو آهي هڪدم بڪي ڇڏيندا آهن، گهڙي ڪن به نٿا غورڪن ته مان ڇا چئي رهيو آهيان؟ فضول گوئي جي اها عادت انسان کي نه ڳالهائيندڙ شيء ڳالهرائيندي آهي ۽ وڏي مصيبت ۾ ڦاسائيندي آهيۓ بعض اوقات انسان پنهنجي زبان مان ڪفريه جملا ڪڍي پنهنجو سڀ کان قيمتي سرمايي ايمان مان هٿ ڪٽي ويهندو آهي پر ان کي خبر تائين ناهي پوندي ته هو مسلمان ناهي رهيو ۽ ان جو نڪاح به ٽٽي ويو، ڪي ماڻهو ته گهٽا ئي بي حس هوندا آهن، ڳالهه ڳالهه تي هرويرو ائين تائيد طلب ڪندا آهن، ڪيئن ادا! نيڪ آهي نه! مان غَلَط ته نه پيو چوان!" اوهان جو ڇا خيال آهي؟" هاڻي ڳالهه ڀلي ناقابلِ قبول هجي پر نه چاهيندي به ها ۾ ها ملائي ڪوڙ ڳالهائڻ جو گناه ڪرڻو پوندو آهي، ان طرح فضول ڳالهائڻ وارا ماڻهو ڪڏهن ته گمراهي جون ڳالهيون بلڪ مَعَاذَ الله عَزَّ وَجَلَّ! ڪفريات بڪي به عادت مطابق تائيد حاصل ڪندا آهن ۽ ان طرح جا جملا مثال طور: "ڪيئن سائين نيڪ چئي رهيو آهيان نه؟" چئي سامهون واري کان ها چورائي بعض اوقات ان جو به ايمان برباد ڪرائيندا آهن؟ چوته هوش ۽ حواس سان ڪفر جي تائيد به ڪفر آهي. ڪفريه ڪلمات جي باري ۾ مزيد اهم معلومات جي لاءِ شيخ طريقت ،اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جو بهترين ڪتاب "ڪفريه ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب " جو مطالعو انتهائي مفيد آهي .

يارَبّ !نہ ضرورت کے سِوا کبھی کچھ بولوں

اللہ زَباں کا ہو عطا قُفلِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! فضول گفتگو هر طرح سان مذمت لائق آهي. هن باري ۾ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: هن ۾ بي فائده گفتگو بہ شامل آهي ۽ اها گفتگو بہ جيڪا مفيد تہ هجي پر حاجت کان وڌيڪ هجي چوتہ مُفيد ڪم ڪي مختصر گفتگو جي ذريعي بہ ذڪر ڪرڻ ممڪن آهي ۽ وڌائي ۽ تڪرار سان بہ ذڪر ڪرڻ ممڪن آهي. جڏهن هڪ جملي جي ذريعي پنهنجي مقصد کي ادا ڪري سگهي ٿو پر ان جي باوجود بہ جملا ڳالهائي ٿو تہ ٻيو جملو فضول يعني حاجت کان وڌيڪ هوندو ۽ اهو بہ مذموم آهي. (احياء العلوم ، ٣/ ١٤١)
تنهنڪري زبان جي حفاظت ڪرڻ جي لاءِ فضول ڳالهين کان بچڻ بيحد ضروري آهي اسان جي بزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جو هر هر لمحو ذِڪرُ الله ۾ گذرندو هو، پر پوءِ بہ اهي نيڪ ماڻهو زبان جي ڪيتري قدر حفاظت ڪندا هئا، اچو! هن باري ۾ ان هستين جا مُبارڪ قول ٻڌون ٿا، جيئن تہ

## ڪٿي اهو فُضول ڪلام نہ ٿئي

- امير المؤمنين حضرت سَيِدُنا ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه گفتگو کان بچڻ جي لاءِ پنهنجي وات ۾ پٿري رکندا هئا ۽ پنهنجي زبان ڏانهن اشارو ڪري فرمائيندا هئا: هيءُ ئي اها شيءِ آهي جيڪا مون کي هلاڪت واري جڳهن تي ڪٺي وئي آهي.

- هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه ارشاد فرمائن ٿا: هڪ شخص مون سان ڪا ڳالهہ ڪري ٿو تہ ان جو جواب ڏيڻ مون کي ايترو وڌيڪ مرغوب ۽ پسنديده هوندو آهي جيترو هڪ اُڃايل شخص کي ٿڌو پاڻي بہ ناهي هوندو پر مان ان خوف سان ان جو جواب ناهيان ڏيندو تہ ڪٿي هي فضول ڪلام نہ هجي. (احياءالعلوم، ٣/ ٣٤٨)
- حضرت سيدُنا موسٰي بن علي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه فرمائن ٿا: بني اسرائيل جي هڪ راهب (يعني دنيا کان الڳ ٿلڳ عبادت ۾ مشغول شخص) جو قول آهي تہ عورت جي زينت شرم ۽ حيا ۽ عقل مند جي زينت خاموشي آهي. (ايڪ چپ سو سکه،ص١٦)

❖ حضرت سيدُنا رُبَيع بن خُيَثم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ويهه سالن تائين دُنياوي گفتگو نه ڪئي. جڏهن صبح ٿيندي هئي ته مس، ڪاغذ ۽ قلم رکندا هئا ۽ جيڪا گفتگو به ڪندا هئا ان کي لکي وٺندا هئا پوءِ شام جي وقت پنهنجي نفس جو مُحاسبو ڪندا هئا. (احياء العلوم،٣٣٨/٣)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته اسان جي بُزرگانِ دين وٽ زبان جي ڪيتري قدر اهميت هئي جو اهي نيڪ ماڻهو هر گهڙي ذڪرۀ دُرُود ۾ گذارڻ جي باوجود به فضول ڳالهين کان بچڻ جي لاءِ وات ۾ پٿر (Stone) رکندا هئا ۽ ڪا ڳالهه ڪندا هئا ته ان کي لکي وٺندا هئا ۽ شام جو ان جي باري ۾ غور ۽ فڪر ڪندا هئا. اڄوڪي دور ۾ ان جي جهلڪ اسان جي شيخِ طريقت،امير اهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۾ نظر ايندي آهي، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه نه صرف پاڻ انهن بزرگن جي تعليمات تي عمل ڪرڻ وارا آهن بلڪ سندن فيضِ تربيت سان لکين ماڻهو به راهه هدايت تي گامزن ٿي چڪا آهن. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان کي زبان جي حفاظت جي باري ۾ ڪيئي مَدني اِنعامات عطا ڪيا آهن: مثال طور مدني انعام نمبر 29 ۾ فرمائن ٿا: ڇا اڄ توهان ڪنهن کان اهڙا فضول سوال ته نه ڪيا جن جي ذريعي مسلمان عمومًا ڪوڙ جي ڪبيره گناهه ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن. (مثلاً بنا ضرورت جي پڇڻ توهان کي اسان جو کاڌو پسند آيو؟ وغيره) مدني انعام نمبر 33 آهي: ڇا اڄ توهان (گهر يا ٻاهر) ڪنهن تي تهمت ته نه لڳائي؟ ڪنهن جو نالو ته نه بگاڙيو؟ ڪنهن کي گارگند ته نه ڪئي؟ اهڙي طرح مدني انعام نمبر 38 آهي: ڇا اڄ توهان ڪوڙ، غيبت، چُغلي، حسد، تڪبر ۽ واعدي خلافي کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿيا؟ مدني انعام نمبر 46 آهي: ڇا اڄ توهان زبان جو قفل مدينہ لڳائيندي فضول گوئي کان بچڻ جي عادت بڻائڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه اشاري سان ۽ گهٽ ۾ گهٽ چار ڀيرا لکي ڪري گفتگو ڪئي؟

غور ڪريو! بيان ڪيل مدني انعامات مان هر هڪ زبان جي حفاظت جي باري ۾ ڪيتري قدر اهم آهي، خاص ڪري مدني انعام نمبر 46 ۾ فُضول

گفتگو ڪان بچڻ جي لاءِ لکي ڪري يا اشاري سان گفتگو ڪرڻ جو ذهن ڏنو ويو آهي. اسان کي بہ فُضول گوئي ڪان پيڇو ڇڏائڻ ۽ خاموشي جي عادت ناهڻ جي لاءِ روزانو گهٽ مان گهٽ 4 پيرا لکي ڪري گفتگو ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن ڪوشش ڪنداسين تہ آهستہ آهستہ هر ڳالهہ لکي ڪري ڪرڻ جي عادت بڻجي ويندي پر لکي ڪري گفتگو ڪرڻ وقت بہ هن ڳالهہ جو لحاظ رکڻ بيحد ضروري آهي تہ اهي ڳالهيون فُضول نہ هجن ڇوتہ فُضُول ڳالهہ لکي ڪري ڪرڻ بہ منع آهي.

الله ڪريم اسان کي فضول ۽ بيهوده ڳالهين ڪان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ پنهنجي زبان کي ذڪر ۽ درود سان تر رکڻ جي سعادت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

بچیں بے کار باتوں سے پڑھیں اے کاش کثرت سے
ترے محبوب پر ہر دَم دُرُودِ پاک ہم مولیٰ
ہماری فالتو باتوں کی عادت دُور ہو جائے
لگائیں مُستقل قفلِ مدینہ لب پہ ہم مولیٰ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس مدني انعامات

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ مسلمانن کي گناهن کا بچائڻ ۽ نيڪين جي راهہ تي آڻڻ جي لاءِ مصروف عمل آهي انهيءَ مدني ڪم کي وڌيڪ بهتري لاءِ ڪم وبيش 104 شعبن (Departments) ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي، انهن شعبن مان هڪ شعبو ”مجلس مدني انعامات“ بہ آهي. هن مجلس جو بنيادي مقصد اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن،۽ جامعاتُ المدينہ و مَدارِسُ المدينہ جي شاگردن ۽

www.dawateislami.net

شاگرديائڻين کي باعمل بنائڻ جي لاءِ انهن کي مدني انعامات تي عمل جي ترغيب ڏيارڻ آهي، شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه فرمائن ٿا: ڪاش! بين فرض ۽ سُنتن جي بجا آوري سان گڏوگڏ تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون انهن مَدَني انعامات کي به پنهنجي زندگي جو دستورُ العَمَل بڻائي وٺن ۽ تمام ذمّہ دارانِ دعوتِ اسلامي به پنهنجي پنهنجي حَلقي ۾ انهن (مَدَني انعامات جي رسالن) کي عام ڪن ۽ هر مسلمان پنهنجي قَبر ۽ آخِرت جي بهتري جي لاءِ انهن مَدَني اِنعامات کي اِخلاص سان اپنائي الله عَزَّ وَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان جَنّتُ الفردوس ۾ مَدَني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڙيسري بڻجڻ جو عظيم ترين انعام ماڻي. اچو! اسان به نيڪي جي ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺون ۽ مدني انعامات تي نه صرف پاڻ عمل ڪريون بلڪ بين اسلامي ڀائرن کي انهن جي ترغيب ڏياريندا سين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان فُضُول گوئي کان بچڻ ۽ زبان جو قفلِ مدينہ لڳائڻ جي اهميت ۽ فائدي جي باري ۾ بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، يقيناً

- زبان جي حفاظت ڪرڻ سان الله ڪريم جي رضا نصيب ٿيندي آهي.
- زبان جو قفلِ مدينہ لڳائڻ جي برڪت سان سلامتي نصيب ٿيندي آهي.
- خاموشي سڀ کان اعليٰ عبادت آهي.
- خاموشي عقل مند جي زينت آهي.
- فُضُول گوئي کان بچڻ واري کي حڪمت ۽ دانائي عطا ڪئي ويندي آهي.
- گهڻو ڳالهائڻ ۽ فضول ڳالهين جي عادت هلاڪت جو سبب بڻجي ويندي آهي.
- فضول ۽ بيهوده ڳالهيون ربِّ ڪريم کي ناپسند آهن.

الله ڪريم اسان کي فُضُول گفتگو کان بچندي زبان جو قُفلِ مدينہ لڳائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمين بِجاه النَّبِي الْاَمين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

منا منا اسلامي ڀائرو! زبان جي حفاظت جو ذهن بڻائڻ،فضول ڳالهائڻ جي آفت کان بچڻ ۽ ٻين کي ان جون تباھ ڪاريون ٻڌائي انهن کي بچائڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي هنن رسالن (1) ”هڪ چپ سو سکَ“ (2) ”خاموش شهزادو“ (3) ”منا ٻول“ جو مطالعو ڪريو. هنن رسالن ۾ فضول ڳالهائڻ جي مذمت، خاموشي جا فائدا ۽ اهميت، خاموشي سان متعلق بزرگان دين جا واقعا ۽ ڪوڙ سارا مدني گل پنهنجي خوشبو پکيڙي رهيا آهن. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن رسالن کي پڙهي بہ سگهجي ٿو، ڊائون لوڊ (download) ۽ پرنٽ آؤٽ (print out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب ! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.
(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب ! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

اڄو! شيخ طريقت، امير اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَه جي رسالي ”101 مَدَني گل“ مان ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌو:

◈ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالھ ٻولھ ڪيو ◈ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو. ◈ رڙيون ڪري ڳالھائڻ کان حد درجہ احتياط ڪيو. ◈ ڪٽي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين سنين نيتن سان ان سان بہ اوھان توھان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوھان جا اخلاق بہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڀلا ٿيندا ۽ ٻار بہ آداب سکندو. ◈ ڳالھ ٻولھ ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامھون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سٺي ڳالھ ناهي ◈ جيستائين ٻيو ڳالھائي رهيو هجي تہ اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالھ ڪٽڻ کان بچو ۽ ڳالھ ٻولھ دوران ٽهڪ ڏيڻ کان بچو چوتہ ٽهڪ لڳائڻ سنت مان ثابت ناهي. ڳالھائڻ وقت هميشہ ياد رکو تہ وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي. ◈ ڪنهن سان ڳالھ ٻولھ ڪجي تہ ان جو ڪو صحيح مقصد بہ هئڻ گهرجي ۽ هميشہ مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالھ ڪئي وڃي. ◈ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوٰی رضویہ، ۲۱/۱۲۷) ۽ بي حيائي جي ڳالھ ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: "اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالھ) کان ڪم وٺي ٿو." (کتابُ الصَّمْت مع موسوعۃالامام ابن ابی الدنیا، ۷/۲۰۴ حدیث: ۳۲۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" ان کان علاوه امير اهلسنت جا بہ رسالا "101مدني گل" ۽ "163مدني گل" مکتبة المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽

پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروردگار سنتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

www.dawateislami.net

بينل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو ھي دُرُود شريف پڙھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.[2]

## (4) ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[3]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[4]

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[4]...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net